www.SundriUttam.com
Email: chand@eim.ae

# نيلو پکي

## باب پهريون - ٻه شاهزاديون.

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو وڏو بادشاهه رهندو هو. انهيءَ وٽ سون ۽ رپي ۽ جواهرات جو وڏو خزانو هوندو هو ۽ ملڪ به ججهو هوندو هوس. سندس محلات سان لڳ هڪڙو وڏو باغ هوندو هو، جنهن ۾ عجيب غريب ميون ۽ گلن جا وڻ هوندا هئا. شهر کي ويجهو وري هڪڙو وڏو ٻيلو هو، جنهن ۾ هر طرح ۽ ڦاڙها ۽ ٻيا جانور هوندا هئا، جنهن جو هو شڪار ڪندو هو.

گهڻن ورهين جي راڄ کان پوءِ، هن بادشاهه تي هڪڙو وڏو ڏکُ نازل ٿيو. سندس راڻي، جنهنسان هنجي حد کان وڌيڪ محبت هئي ۽

جنهنسان هيترا ورهيه ڏاڍي خوشيءَ ۽ آرام ۾ پئي
گذاريائين، سا بيمار ٿي پئي. هشيار هشيار
طبيب گهرايا ويا ۽ اُنهن علاج ڪيا، پر فائدو ڪونه
رسيو. روز بروز وئي بتر ٿيندي. نيٺ هوءَ
مري وئي. اهڙيءَ محبتي راڻيءَ جي ڪري
بادشاهه نهايت گهڻو غمگين ٿيو.

انهي غم ۾ هو اٺ ڏينهن ته هڪڙي ڪوٺيءَ
۾ ٻوڙيو پيو هو ۽ پئي رنائين. ڪنهنسان به ڪين
ٿي ڳالهائين. رڳو هڪڙو نوڪر سو ماني اچي
ڏئي ويندو هوس، سا به کاڌي نه کاڌي جهڙي.
اُن ڏينهن جي ماتم کان پوءِ هو نڪتو سهي ۽
ڪچهريءَ ۾ ايندو هو، ليڪن هميشه غمگين رهندو
هو ۽ شڪار يا ڪنهن بئي تماشي کي ويجهو نه
ويندو هو. رعيت اهڙي هردلعزيز بادشاهه کي
اهڙي غمگينيءَ جي حالت ۾ ڏسي ڏاڍو ارمان
ڪندي هئي. اهڙو ڊپ هون ته شايد هو به بيمار
ٿي مري نه وڃي.

ڪي ماڻهو هنڪي وچي دل وندرائيندڙ ڳالهيون ٻڌائيندا هئا، ڪي فوٽي راڻيءَ جي تعريف ڪندا هئا، ڪي دڙ دلاسا ڏيندا هئا يا چرچا مسخريون ڪندا هئا؛ پر بادشاه اصل ڪين کلندو هو ۽ نه خوش ڏسڻ ۾ ايندو هو. وزير امير ملڪن جون خبرون ڏيندا هئس ۽ گهڻائي مسئلا پيش ڪندا هئس ته مَن اُنهن تي ويچار ڪري ۽ اما غم جي ڳالهه وسري وڃيس، پر اُنهن مان به ڪو فائدو ڪو نه ٿيو.

آخر هڪڙي ڏينهن هڪڙي ڏاري زال ڪاري پوشاڪ ۾ اُتي آئي. منهن تي به ڪارو برقعو پيل هوس. پٺي سڏ ڪا پڙيائين ۽ رنائين، پر ڪڇيائين هڪڙو اکر به ڪين ٿي. بادشاه هنکي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. ڪيس اڳتي ڪهڙو ڏک هو، پر هنجو ڏک پنهنجي کان زياده ٿي ڏٺائين. بادشاه حال احوال پڇيس. چيائين ته "سائين، آءٌ ٻين وانگي اوهانجي غم گهٽائڻ لاءِ نه آئي آهيان، پر غم وڌائڻ لاءِ آئي آهيان.

اهڙيءَ نيڪ ۽ خوبصورت راڻيءَ لاءِ جيترو وڏيڪ آفسوس اوهين ڪريو اوترو چڱو آهي.

"منهنجو مڙس مري ويو آهي. اهو ڏاڍو چڱو ماڻهو هوندو هو. انهي سان منهنجي ڏاڍي محبت هوندي هئي ۽ هنجي به مونسان محبت گهڻي هوندي هئي. هو مري ويو آهي، تنهنڪان پوءِ آءٌ به رات ڏينهن انهي ڏکر ۽ ماتم ۾ آهيان. خوشيءَ کان وڏيڪ انهي ڏکر مان مونکي لذت پيئي اچي." اها ڳالهه به پئي ڪيائين ۽ زار زار به پئي روئيائين. هنجو حال ڏسي بادشاهه کي ڏاڍو ڏکر ٿيو. پنهنجو ڏکر ئي وسري ويس. انهي طرح هن پنهنجي مڙس جي تعريف بادشاهه سان پئي ڪئي ۽ بادشاهه پنهنجي زال جي تعريف هن سان پئي ڪئي ۽ ٻنهي گڏجي ڏکر ۽ ارمان پئي ڪيو.

انهن ڳالهين ڪندي اوچتو زال پنهنجو برقعو ڪيرائي وڌو ۽ اکيون اُگهيائين، جنهنڪري بادشاهه جي نظر هنجي منهن تي پئي. جيتوڻيڪ

ھو تمام جوان ٻہ نہ ھئي، تہ ٻہ نھايت حسين ھئي. ھنجا گلابي ڳل ۽ ڪاريون اکيون ۽ سفيد پيشاني ۽ ڄاڙا ڀروون ڏسي بادشاھہ حيران ٿي ويو. ڀيو ماتم جي ڪاري ويس ۾ ھوءَ پاڻ زيادہ خوبصورت ٿي لڳي. بادشاھہ کي ھنجي لاءِ اڳي کان ٻہ زيادہ ڏکہ ٿيڻ لڳو.

ڪيترائي ڏينھن بادشاھہ ۽ انھي زال ھمدرديءَ ۾ پئي ڳالھايو ۽ ڏکہ ڪيو. ٿورو ٿورو ٿي بادشاھہ کان پنھنجي راڻيءَ جو غم وسرندو ويو ۽ انھي بابت گھٽ ڏکہ ڪرڻ لڳو ۽ انھي زال سان محبت ٿيڻ لڳس. ھر زال پنھنجي مئل مڙس جي غم کان اڃا ٻہ بس نہ پئي ڪئي. آئندہ و بادشاھہ ھنکي دلاسا ۽ دلبريون ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳس تہ "ڪيترو ھن جي لاءِ ارمان ڪنديءَ ۽ جو ٿي پنھنجو سکہ ۽ آرام ڦٽائين!" ھر ھن بس نہ پئي ڪئي.

نيٺ بادشاھہ ھنکي چيو تہ موسان شادي ڪر، شايد پاڻ گڏ رھي ڏکہ وساريون ۽

اڳتي لاءِ خوش رهون. اها زال به انهي ۾ راضي ٿي. اصل سندس مطلب ئي اهو هو ته ڪنهن تجويز سان بادشاهه جي زال ۽ راڻي ٿئي. سگهوئي زال ماتم جا ڪپڙا لاهي شاهي پوشاڪ ڍڪي، جنهن ۾ هنجو حسن اڳي کان وڌيڪ ٿيو. ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي ۽ خلق ڏاڍيون خوشيون ڪيون، جو ڏٺائون ته نيٺ سندن بادشاه وري به اڳي واڱي خوش ۽ خرم گذارڻ لڳو.

انهي بادشاه کي اڳين زال مان هڪڙي ڌيءُ هئي، جا پڻ رهڻ وهڻ جي هئي. اها تمام خوبصورت هئي. انهيجو نالو **گلچهر بيگم** هو ۽ حقيقت ڪري هنجي شڪل گلاب جي گل جهڙي هئي. پر هوءَ طبيعت جي ڪري ڏيکه ۽ پوشاڪ ۽ زيورن کي پسند نه ڪندي هئي. صاف سڌن رواجي ڪپڙن تي راضي رهندي هئي. زيورن جي بدران گلن جو هار ڳچيءَ ۾ وجهندي هئي يا ٻين زيورن جي جاءِ تي ڪم آڻيندي هئي.

بادشاهه جي نئين راڻيءَ کي به پنهنجي اڳين مڙس مان هڪڙي ڌيءُ هوندي هئي، جا هن

شاديءَ کان پوءِ پاڻ وٽ گهرائي محلات ۾ رکي. انهيءَ جو نالو **محبوبه بانو** هو. پر حقيقت ڪري اهو نالو ساڻس لاڳو نه ٿي ٿيو، ڇالاءِ جو هوءَ محبت رکڻ جهڙي نه هئي، بلڪ انهيءَ جي برعڪس هئي. ڏاڍي شوخ ۽ بد طبيعت ۽ ڪُندي هئي. اڪثر اهڙا خراب ۽ بيقياسيءَ جهڙا ڪم ڪندي هئي، جو ساڻس محبت ڪرڻ جي بدران پاڻ ماڻهنکي دل ۾ نفرت پيدا ٿيندي هئي.

هوءَ شڪل جي به چڱي ڪين هئي، نڪا ڪيس پنهنجي بت جي صفائي ۽ سٺائيءَ جي پڻتي هوندي هيس. بعضي ته ڏينهن جا ڏينهن ڦڻي ڪانه ڏيندي هئي. انهي هوندي به هوءَ پنهنجي ماءُ کي ڏاڍي پياري هوندي هئي. هنجي نظر ۾ محبوبه جهڙي خوبصورت ڇوڪري ٻي دنيا ۾ ڪا نه هئي. هنجي ساراهه ۾ جهڙو بادشاه وٽ تهڙو ٻين ماڻهن وٽ ڇاپنديئي نه هئي، بادشاه جي دل تي اهو اثر وجهڻ گهرندي هئي ته هوءَ

گلچهر کان بهتر آهي ۽ زياده محبت ۽ مان جي لائق آهي.

گلچهر جي بہ محبوبہ سان نہ پوندي هئي. هن جي طبيعت اصل هڪبئي جي برعڪس هئي. اهو ڏينهن ئي ڪو نہ گذرندو هو، جنهن راڻي يا سندس ڌيءُ هن سان ڪا ڳالهہ يا حرڪت يا تڪرار نہ ڪندي هئي. پر گلچهر ڏاڍي سمجهہ ۽ صبرواري هئي، سا تڪرار ٽاري ڇڏيندي هئي، ۽ جيڪي هو چونديون يا ڪنديون هيون، تنهن تي خيال ئي ڪو نہ ڏيندي هئي.

---

## باب ٻيو - دلفريب بادشاه جو اچڻ.

هڪڙي ڏينهن بادشاهہ راڻيءَ کي چيو تہ ”هاڻ اسان جون ڌيئون گلچهر ۽ محبوبہ وڏيون ٿيون آهن. هڪڙيءَ جي شادي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو بادشاه اسان وٽ اچي مهمان ٿيو تہ اُنهي سان هڪڙيءَ جي شاديءَ جو بندوبست ڪنداسين.“ راڻيءَ چيو تہ ”ائين بهتر آهي؛ پر

پهرين منهنجي ڌيءُ **محبوبه** جي شادي ٿيڻ کهرجي، جو هوءَ **گلچهر** کان وڌيڪ به آهي ۽ زياده حسين به آهي." بادشاه چيو ته "جيڪا تنهنجي مرضي."

ٿوري وقت کان پوءِ پاسي واري بادشاه **دلفريب شاه** جو قاصد آيو، تنهن چيو ته بادشاه اچڻ وارو آهي. اهو بادشاه مشهور بهادر ۽ خوش طبع هو ۽ دولتمند به ڏاڍو هو ۽ هو به چڱو هو، تنهن ڪري هڪڙي شاهزادي سان شادي ڪرڻ جو هر طرح لائق هو. راڻيءَ انهيءَ اچڻ جو پنهنجي ڌيءُ جي ڏاج جي تياري ڪئي ۽ درزي ۽ سونارا گڏ ڪري پوشاڪون سبائڻ ۽ زيور ٺهرائڻ لڳي. **گلچهر** جي ڏاڏي چيائين ته هن وٽ اڳئي گهڻا ڳا ۽ زيور آهن، وڌيڪ ٺهرائڻ جو ضرور ڪونهي ۽ شادي به **محبوبه** جي ٿيڻي هئي.

جڏهن ڏينهن **دلفريب شاه** اچڻو هو، تنهن ڏينهن راڻيءَ **گلچهر** جي پانهين کي پيسا ڏئي پنهنجو ڪيو ۽ انهڪي سمجهايائين ته سندس عمدا وڳا ۽ زيور لڪائي ڇڏين ته هوءَ نه پڪي ۽ **محبوبه**

جهڙي چڱي ڏسڻ ۾ نہ اچي. **گلچهر** هڪڙو اها ڳالهہ سهي ڪئي، جو ڪيس عمدا ڪپڙا ملي نہ ٿي سگهيا، ۽ نہ ڪيس انهنجو ڪو شوق ئي هو. سادن سوُدن ڪپڙن ۾ ويٺي هئي تہ **دلفريب** شاہ آيو.

مهمان بادشاہ جي محلات ۾ ڏاڍي مرحبا ٿي. بادشاہ ۽ راڻي هنکي گڏيا ۽ **محبوبہ** بہ شاهاڻي پوشاڪ ۾ پئي آئي وئي، پر **گلچهر** پنهنجي جاءِ جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويٺي هئي. جيتوڻيڪ **محبوبہ** زيورن سان ٽمٽي پئي هئي، تڏهن بہ **دلفريب شاہ** کي نہ پئي وڻي، جو سندس مهاڳ چڱا نہ هئا. آخر **دلفريب شاہ** ڳالهين ڪندي پي شاهزاديءَ جي بہ پڇا ڪئي تہ جو ڏسڻ ۾ نٿي اچي. پر راڻيءَ ۽ ڏيڻس چيس تہ هنجا ڪپڙا خراب آهن، تنهنڪري ٻاهر نٿي نڪري.

جڏهن بادشاہ جي گهڻي چوڻ تي **گلچهر** بہ آئي، تڏهن هنجي شڪل ڏسي بادشاہ **دلفريب** موهجي ويو. ادب سان سندس اڳيان اُٿي

بيٺو ۽ چوڻ لڳس تہ ”شاهزادي، تون سادي پوشاڪ ۾ زيورن کان سواءِ ئي خوبصورت ٿي لڳين.“ گلچهر حيا سان جواب ڏنو تہ ”سائين، اوهين پنهنجي مهرباني ٿا ڪريو، پر آءٌ سادي سودي زال آهيان، بادشاهن جي ڏسڻ يا ڳالهائڻ جي لائق ناهيان.“ اهڙي جواب ڪري پاڻ بادشاه زياده مٿس مائل ٿيو.

هيءُ حال ڏسي راڻيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ مهمان بادشاه کي چوڻ لڳي تہ ”سائين، اوهين ڀُلجو ٿا. هيءَ ڇوڪري اڳئي مغرور ۽ رُکي آهي، وري اوهانجي تعريف ٻڌڻ ڪري زياده مغرور ٿيندي ۽ مٿو ڦري ويندس.“ بادشاهہ هڪدم سهي ڪيو تہ راڻيءَ کي ريس ڪئي آهي، تنهن تي ماٽيلجي ڌيءُ جي شڪايت ڪري. انهيءَ کان پوءِ **دلفريب شاه محبوب** جو خيال اصل ڇڏي ڏنو ۽ اڪثر **گلچهر** سان ڳالهائيندو هو ۽ انهيءَ ڏي محبت ڏيکاريندو هو.

نيٺ راڻيءَ ۽ سندس ڌيءُ کي ايترو حسد ٿيو، جو پنهنجي بادشاه وٽ سندس ڌيءُ **گلچهر**

جي گلا ڪيائون ۽ هن کي زور ڪري انهي ڳالهه تي بيهار ڪيائون ته جيستائين **دلفريب شاه** اتي مهمان هجي، تيستائين **گلچهر** کهن پرانهين محلات ۾ بند رهي، جيئن **دلفريب شاه** هنکي ڏسي يا هنسان ڳالهائي نه سگهي.

انهيءَ ڏينهن شام ڌاري جيئن **گلچهر بيگم** پنهنجي جاءِ ۾ ويٺي هئي، تيئن چار ماڻهو منهن ويڙهيل آيا ۽ هنکي وٺي انهي پيءُ محلات ڏي ويا ۽ اتي وجي هنکي وهاريائون. شاهزاديءَ هڪدم سهي ڪيو ته راڻيءَ ائين ڪرايو آهي انهي لاءِ ته **دلفريب شاه** کيس نه ڏسي. هنکي گهڻو ارمان ٿيو، خاص انهي ڪري جو انهي بادشاهه کيس گهڻو مان ۽ پيار ڏنو ۽ پاڻ به انهي ڪري هنکي گهڻو پسند ٿي ڪيائين.

---

**باب ٽيون- دلفريب شاهه ۽ گلچهر بيگم.**

جيڪي ويچاريءَ **گلچهر بيگم** سان ٿي گذريو، تنهنجي **دلفريب شاه** کي ڪا به خبر

ڪاڻ هئي. اُميد هيس ته شام جو هميشه وانگي
هنکي ڏسندو ۽ ساڻس ڳالهائيندو. جيڪي
خدمتگار يا ٻيا ماڻهو سندس حاضريءَ ۾ چڙهيا ويا
هئا، تنکي راڻيءَ لَبي ڇڏيندڙ ڪيو هو. انهن سان
جڏهن **دلفريب شاه** شاهزادي **گلچهر** جي
تعريف ڪندو هو، تڏهن هو چوندا هئس ته "سائين،
اوهانکي خبر ڪانهيءَ اسان کي هنجي چڱي
خبر آهي. هوءَ انهيءَ تعريف جي لائق نه آهي.
شڪل جي برابر چڱي آهي، مگر سندس طبيعت
خراب آهي."

انهي طرح هو وقت بوقت **گلچهر** جي ڪلا ۽
محبوبه جي تعريف ڪندا رهندا هئا. هو دل
۾ پڪ ڄاڻندو هو ته اهڙيءَ شڪل واري زال
ڪڏهن به اهڙي خراب نه هوندي. هنجي چڱن
گُڻن جي خاطري هيس، مگر راڻيءَ ۽ سندس ڌيءَ جي
ريس ۽ ساڙي جي ڪري ڏيندي ويس. خدمت
ڪندڙن ماڻهنکي آسانيءَ سان خبر پئي سگهي ٿي
ته **دلفريب شاه گلچهر** شاهزاديءَ جي محبت

۾ قاتل آهي ۽ محبوب شاهزادي کان ٿتل آهي. جڏهن هنن راڻيءَ کي اها ڳالهه ٻڌائي، تڏهن هوءِ زياده ڪاوڙي.

هاڻي ڏسون ته **گلچهر بيگم** جو هن لئين محلات ۾ ڪهڙو حال هو؟ هوءِ ڏاڍي ڏک ۽ ارمان ۾ هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ وڃي پئي. ڏٺا سارا ڪٽي پئي چيائين ته **دلفريب شاه** جي اچڻ کان اڳي جي موتکي هٿي آڻي ڇڏين ها ته بهتر هو. هن جي ڏٺي کان ۽ هنسان ڳالهائڻ کان پوءِ منهنجي دل هن لاءِ سڪي ٿي. موتکي پڪ آهي ته موتکي هڪان پري ڪرڻ جي لاءِ راڻيءَ ائين ڪيو آهي.” اهڙي طرح روئي سڏڪا ڀري سمهي پئي.

هوڏي راڻيءَ **دلفريب شاه** کي خوش ۽ راضي رکڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي. ڏاڍا عمدا عمدا تحفا ڏانهنس موڪلڻ لڳي ۽ مڙس کي به صلاح ڏنائين ته دستور موجب هنکي آبرو ۽ قدرداني جو شاهي نشان يا تمغو ڏئي. اهو نشان سون مان ٺهيل دل جهڙي شڪل جو هوندو هو،

جو ڇاتيءَ تي لڳائيو هو. اهڙو نشان **دلفريب شاهه** لاءِ هڪڙيءَ وڏي لعل مان ٺاهيو ويو، جو آتي جيڏو هو ۽ نهايت سهڻو ۽ قيمتي هو ۽ انهي جي زنجيري سونيءَ بدران جواهرن جي هئي. اهو نشان ڏسي **دلفريب شاهه** حيران ٿي ويو.

اهو نشان راڻيءَ جي ماڻهن شاهزاديءَ جي طرفان سوکڙي ڪري آڻي ڏنو. پر اهو ڏسي **دلفريب شاهه** کي **گلچهر بيگم** ياد پوڻ لڳي. ياڻيائين ته انهيءَ شاهزاديءَ جي ڳالهه ٿا ڇون، سو ڏاڍو خوش ٿيو. پر جڏهن ماڻهن ٻڌايس ته شاهزاديءَ **محبوبه** اهو موڪليو آهي، تڏهن هو عذر ڪري چوڻ لڳو ته آءٌ انهيءَ شرف جو لائق نه آهيان ۽ نه انهيءَ نشان جا حق مون کان پوريءَ طرح ادا ٿي سگهندا. تنهنڪري هي موٽائي کڻي وڃو ۽ منهنجي طرفان معافي گهرو." جڏهن راڻيءَ ۽ سندس ڌيءُ کي اها حقيقت معلوم ٿي، تڏهن ڪاوڙ ۽ حسد کان سندن دل ڪباب ٿي ويئي.

## باب چوٿون - دلفريب شاهه سان فريب.

**دلفريب شاه گلڇهر بيگم** جي لاءِ گهڻوئي نهاريو ۽ واجهايو؛ پر جڏهن گهڻو وقت هنکي محلات ۾ نه ڏٺائين، تڏهن ڏاڍو بي آرام ٿيو. اها ڳالهه راڻي معلوم ڪري سگهي، پر پڇي نتايائين. نيٺ هڪڙي پيري راڻيءَ کان سڌو پڇا ڪيائين ته "شاهزادي **گلڇهر بيگم** ڪٿي آهي؟" راڻيءَ ورندي ڏني ته "سندس پيءُ بادشاهه کيس منع ڪئي آهي ته جيستائين منهنجي ڌيءُ **محبوبه بانوءَ** جي شادي نه ٿئي، تيستائين پنهنجي جاءِ کان ٻاهر نه اچي."

**دلفريب شاه** پڇيو ته "ائين ڪرڻ جو ڪهڙو سبب هوندو؟" راڻيءَ چيو ته "مونکي خبر ناهي، نڪي آءُ ٻڌائڻ مناسب ٿي سمجهان." تنهن تي **دلفريب شاه** ڏاڍو ڪاوڙيو. هڪ ٿيس ته راڻيءَ ۽ سندس ڌيءُ جي ڪري هن ويچاري شاهزاديءَ کي بند ۾ وڌو اٿن. اها ڳالهه دل ۾ رکي هن ڳجهي طرح **گلڇهر** جي هڪڙي

تو ڪرياڪيءَ کي رشوت ڏئي پنهنجو ڪيو ۽ انهيءَ کي
چيائين ته مونکي ڪنهن طرح سان هلي آها ڏيکار.
تنهن انهي ائين محلات جي هڪڙي دري ڏيکاريس،
جتان هو انهي سان ڳالهائي سگهي.

پر انا زال ڪوڙي هئي ۽ دغا ڪري وڃي
ساري ڳالهه راڻيءَ کي ٻڌايائين. تنهن ارادو
ڪيو ته **دلفريب شاه** سان ٺڳي ڪري.
هن هيئن ڪيو جو جنهن دريءَ وٽ **دلفريب**
**شاه** کي ٻيهي **گلچهر** سان انهي رات ڳالهائڻو
هو، اتي **محبوبه** کي ٻيهارڻ جو ٺهراءُ ڪيائين ۽
**محبوبه** کي سمجهائي ڇڏيائين ته ڪيئن انهي
مهل باد شاهه سان ملاقات ڪري ۽ ڳالهائي.

جڏهن رات ٿي ۽ ٺهرايل وقت آيو، تڏهن
اوڏاهيءَ ۸ **دلفريب شاه** ڏاڍيءَ خوشيءَ مان
انهيءَ دريءَ وٽ آيو. **محبوبه** کي **گلچهر**
ڄاڻي هن سان محبت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو.
**محبوبه** ڪوڙ ڪري **گلچهر** ٿي چيس ته
اوهان جي محبت ڏسي آءٌ پاڻ کي خوش نصيب

ٿي سمجهان. پر جيسين راڻيءَ جي ڌيءُ جي شادي نه ٿيندي، تيسين آءٌ هن بند ۾ پئي هونديس."

**دلفريب شاهه** هڪڙي شاديءَ جي پڪ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي مدد لاءِ نشاني ڪري هڪڙي ڏني ۽ صلاح ڏنائينس ته محلات مان نڪري مونسان گڏجي هل ته هلي ٻئي هنڌ شادي ڪريون. شاهزاديءَ هن کي مونجهاري جهڙا جواب پئي ڏنا ۽ بادشاهه سمجهيو ته ڊپ کان هوءَ ائين ٿي ڪري ته متان ڪو ڏسي وٺيس. موڪلائڻ کان اڳ چيائينس ته "سڀاڻي ۾ هيڏي مهل آءٌ ايندس ۽ تون مونکي هتي ملجئين."

جڏهن **محبوب** پنهنجي ماءُ کي انهي ملاقات جو بيان ڏنائين، تڏهن راڻي ڏاڍي خوش ٿي. ٻيءَ رات ٺهرايل وقت تي **دلفريب شاهه** هڪڙي طلسمي گاڏي تيار ڪري شاهزاديءَ کي پهچائي نيڻ جي لاءِ دريءَ وٽ اچي بيٺو. بادشاهه جو هڪڙو دوست وڏو جادوگر هو، تنهن هن کي اها اڏامندڙ گاڏي ڏني هئي، جنهن ۾ ڪنهين وارا ڏيڻ گهوڙن جي بجاءِ پکي ٻڌا هئا.

رات تمام اونداهي هئي. **محبوب** اِڪ چوريءَ دريءَ مان نڪري **دلفريب شاھ** جي ڀاڪر ۾ پئي، جنهن کڻي گاڏيءَ ۾ رکيس. گهڻي پيار ڏيڻ کان پوءِ پڇيائينس ته ”پياري، ڪهڙي هنڌ تنهنجي مرضي آهي ته هلي شادي ڪريون؟“ هن ورندي ڏني ته ”مشهور **مه لقا** پري منهنجي ڏين جي ماءُ ۽ مربي آهي. انهيءَ جي قلعي ۾ هلي شادي ڪنداسين.“ **محبوب** جو مطلب هو ته ڀڙي مشڪل وقت ۾ انهيءَ پريءَ جي صلاح ۽ مدد هلي وٺان.

---

## باب پنجون - عجيب ڦير گهير.

جيتوڻيڪ **دلفريب شاھ** کي **مه لقا** پريءَ جي قلعي جي خبر ڪانه هئي، تڏهن به هن فقط جادوءَ وارن ڏيڏرن کي چيو ته اوڏي هلو ته هو اُتي هليا، جو هنن کي ساري دنيا جي نقشي جي خبر هئي. سگهوئي اُتي وڃي پهتا. قلعي ۾ سوين بتيون پئي ٻريون ۽ جي **محبوب بانو** پنهنجو

مٿهن برقعي مان نه ڏِٺو ويٺي هجي ها ته
جيڪر بادشاهه سڃاڻي وٺي ها ته هيءَ **گلچهر بيگم**
نا هي. جهٽ ۾ لهي شاهزادي **مهلقا** پريءَ وٽ
آئي ۽ ٻڌايائينس ته ڪيئن **دلفريب شاه** کي
ٺڳي آئي آهي ۽ ساڻس صلاح ۽ مدد گهريائين.

پريءَ چيس ته بادشاهه جي دل **گلچهر** سان
تمام گهڻي آهي ۽ توسان ڪانهي، تنهنڪري ڏاڍي
**تڪليف** ٿيندي ۽ انهيءَ هوندي به آءٌ تنهنجي
خاطر **ڪوشش** ڪريان ٿي." بادشاهه محلات جي
صفي ۾ ويٺو هو ۽ پٺيون هيرن جون هيون.
انهن مان هن آرپار پئي ڏٺو. اهڙو حيران ٿي ويو،
جو ڄاڻائين ته آءٌ خواب پيو ڏسان.

دل ۾ چوڻ لڳو ته "محبوبه هتي ڪيئن آئي؟
هيءَ ته مهنجي ۽ **گلچهر** جي دشمن آهي، سا
هتان اسان جي شاديءَ کي روڪڻ لاءِ آئي آهي؟
مونسان ڪا ٺڳي يا دغابازي ته نه ٿي آهي؟
**گلچهر** جو ته هتي نشان ئي ڪونه ٿو ڏسجي.
هتان سندس ٻيءَ به پٺيان لڳو آيو آهي؟" اهي

خيال ڪري هو ڏاڍو نا اميد ۽ ملول ٿيڻ لڳو.
سڀئي هو ٻئي زالون وٽس آيون.

مهرلقا پري تاب مان ڇوٽ لڳيس ته
"دلفريب شاه، اچها شاهزادي **محبوبه بانو**،
جنهن سان تو شاديءَ ڪرڻ جو انجام ڪيو آهي.
هوءَ منهنجي ڏين جي ڌيءُ آهي. منهنجي مرضي
آهي ته هڪدم شادي ٿئي." بادشاه حيران ٿي
چيو ته "آءٌ ڪيئن هن سان شادي ڪندس؟
مون هن سان اهڙو انجام ڪونه ڪيو آهي. مٿان
مون کي اهڙو بيعقل ڏٺو اٿو."

پريءَ دڙڪو ڏئي چيس ته "مونسان اهڙي
طرح نه ڳالهاءِ. پنهنجي زبان بند ڪر. توکي مون
سان ادب جي رستي ڳالهائڻ گهرجي." بادشاه
چيو ته "جي تون مونکي پنهنجي **گلچهر**
شاهزادي موٽائي ڏيندينءَ، ته آءٌ توسان ادب ۽
تعظيم جي رستي هلندس ۽ شڪرگذار ٿيندس."
اتي شاهزادي **محبوبه** چيس ته "تو مونسان
شاديءَ جو انجام ڪين ڪيو هو؟ تو مونسان ڏريءَ

وٽ ڪين ڳالهايو؟ هيءَ منهنجي تو موڪلي ڏنائي
ڪري نه ڏني؟“

بادشاهه منهنجي ڏسي ڪاوڙ مان چيو ته
”تڏهن موڪلڻ ٺڳيءَ ۽ دغا تي آهي، پر آءٌ اوهان
جي مرضيءَ تي نه هلندس. آءٌ هتان هليو وڃان ٿو.“
ائين چئي هن پنهنجن ڏيڏرن کي تيار ٿي ويهڻ
لاءِ چيو، ته ايتري ۾ پريءَ چيس ته ”منهنجي موڪل
کان سواءِ هتان وڃڻ جي تو ۾ ڪا به طاقت ڪانهي.“
هن هڪدم بادشاهه تي ڪٽي هٿ رکيو ته هن جا
پير زمين تي چنبڙي ويا ۽ هو چري نه سگهيو.

بادشاهه چيس ته ”ائين نه چاڙ ته تون
منهنجي دل جي مرضي ڦيرائي سگهندينءَ. تون
موڪلي پلي ماري ٻرزا ڪري وڃ، ته به آءٌ هنسان
شادي نه ڪندس. جنهن سان منهنجي محبت آهي،
ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان شادي نه
ڪندس. توکي جيڪي ڪرڻو هجي، سو پلي ڪر.“

مه لقا پريءَ کي جيڪي مٿا هٺا هئا، سي هٽي
ويٺي. دلاسا ڏنائينس، دڙڪا ڏنائينس، انجام

ڪيائيدس، ته به دلفريب شاهه مُرڻ جو ته
هو. واري سان محبوبه به رئو ۽ نيزاريون
ڪيائيدس، ڪاوڙ ۾ ڏيکاريائيدس. مطلب ته پنهنجي
چٽيون سڀ حيلا هلائي بيٺيون، ته به بادشاهه مٿن
ڪين بيٺو هو ۽ هنن جي ڪا به ڳالهه قبول نه ڪيائين.

انهي طرح وڃي ڏينهن ۽ راتيون گذري ويون.
اهو سارو عرصو انهي پري ۽ انهي شاهزادي جي مٿا
پنهنجي هنيا ۽ بي آرامي جي پنهنجي گذاري ويو، پر بادشاهه اصل
جواب ڪونه ٿي ڏنو. نيٺ پري چيس ته ”هاڻي
جڏهن تون ڪنهين به طرح اساڻجي مرضي نٿو
رکين، تڏهن توکي ٻن ڳالهين جو اختيار ٿي
ڏيان. يا هن سان هڪدم شادي ڪر، يا پنهنجي
انجام شڪني جي لاءِ سنڌ ورهه قيد جي سزا کاءُ.“

تڏهن **دلفريب شاهه** لاچار ٿي ڳالهائڻ لڳو.
چيائين ته ”هن زال سان شادي بلڪل نه ڪندس، ۽
ٻيو منهنسان جيڪي وڻئي، سو ڪر.“ تڏهن ٿي
**محبوبه** ڏاڍي ڪاوڙي. بادشاهه کي چيائين ته
”تون ڪو خسيس ماڻهو ٿو ڏسجين، جو اساڻجي

ملڪ ۾ اڇي اسان سان بيمثالِي جي ملت
تو ڪرين ۽ انجام ڪري ڦرين تو." مه لقا ٻري
ٻه ڪاوڙي ۽ باد شاه کي چوط لڳي ته "چڱو،
جي ائين آهي ته حاظ وت. ستن ورهن ڏائين
ڏون هڪڙو نيلو ٻڪي تي ڪذا ريندرين."

اڇا هن ايترو چيو ته باد شاه جي صورت ۾
هڪڙي او چتي عجيب ڦير گهير ٿي وئي، هنجون
ٻانهون کهيڙا ٿيون ٿي سنهڙن کنڀن سان پر جي
ويون ۽ سندس بت سڀي ننڍڙو ٿي نيلي رنگ
جو ٿي پيو. نڪ مان ڦري ننڍڙي چهنب ٿي پيس
۽ مٿي تي هڪڙي اچن کنڀن جي چوٽڙي
ٿي بيٺيس. مطلب ته سڄو هڪڙو ننڍو چيهي
جهڙو سهڻو نيلو ٻکي ٿي پيو ۽ منهون ٻولو ن ڪرط
لڳو ۽ ساڳئي وقت ۾ ماڻهن وانگي ڳالهائڻ جي
ٻه طاقت هتان ته ويس.

دلفريب شاه کان نا اُميدي ۾ دالهن
نڪري وئي. پنهنجو حال ڏسي حيران ٿي ويو.
محلات مان نڪرط جي لاءِ پنيل دري مان

اُٿو آهي، ڪجهه پنڌ ڪري، اچي مڪڙي وٽ ۾ ويٺو. دل ۾ پئي چيائين ته ”منهنجي پياري شاهزاديءَ کي الهجي سندس دشمن ڪٿي وڃي لڪايو آهي. متان انهي ظالم راڪاسيءَ ماري وڌو اٿس. هاڻي هن کي ڪٿي ڳولي لهان. ست ورهيه هيڏي حال ۾ گذارڻ ته وڏو عذاب ٿيو. ڪهڙو شڪ ته انهي وچ ۾ هن کي ڪنهن پئي سان پرڻائي ڇڏين.“

---

## باب ڇهون - گلچهر بيگم جي ڪمبختي.

مه لقا پري محبوبه کي سندس ماءُ راڻيءَ ڏي موڪلي ڏنو، جو اُن کي هن جو گهڻو انتظار هو. جڏهن ڌيءُ کان سارو احوال ٻڌائين، تڏهن ڏاڍي ڪاوڙي. دل ۾ ارادو ڪيائين ته انهي جي عيوض ۾ گلچهر کي سزا ڏيندي يس. جنهن محلات ۾ هوءَ بند هئي، تنهن ۾ پاڻ ۽ ڌيڻس وڃي تجمل سان ڪٽڻ جي ويون. محبوبه کي نهايت عمدي پوشاڪ پئي هئي ۽ آڱر ۾ دلفريب شاهه واري منڊي پئي هيس.

راڻيءَ **گلچھر** کي چيو تہ "منھنجي ڌيءُ
توکي آھي پر ڪٿا ڏيکارڻ آئي آھي، جي ڪيئن
**دلفريب شاھ** شاديءَ مھل ڏنا آھن. ھو پاڻ
ڏاڍو خوش پيا گذارين." **گلچھر** ويچاري
اھا ڳالھ وسھي وئي ۽ محبوب جا زيور ۽ جواھر ڏسي
ڏاڍي غمگين ٿي، خصوصا **دلفريب شاھ** جي
ھٿ ۾ جا منڊي ڏٺي ھئائين، سا ھن جي ھٿ ۾
ڏسي سڙي وئي. پڪ ٿيس تہ ھنجي شادي ٿي آھي.
انھي ارمان ۽ ڏک جو مٿس اھڙو اثر ٿيو، جو
ھوءَ بيھوش ٿي وئي. راڻي ھنجو حال ڏسي
خوش ٿي ۽ ھنکي ھوش ۾ آڻڻ جي بدران ھلي
وئي ۽ وڃي بادشاھ کي چيائين تہ "**گلچھر**
**دلفريب شاھ** جي محبت ۾ اھڙي ديواني
ٿي وئي آھي، جو ھنجي زيادہ سنڀال رکڻ ضرور
آھي، نہ تہ ھو ڪو خواريءَ جھڙو ڪم ڪري
ڇڏيندا." بادشاھ چيس تہ "جيئن توکي مناسب
نظر اچي، تيئن ڪر."

ھوڏي جڏھن **گلچھر بيگم** ھوش ۾ آئي،

تڏهن رات هئي. راڻيءَ جي ظلم جي حالت ياد ڪري ڏاڍو ڏک ٿيس. هڪ ٿيس ته دلفريب شاهه سان شادي ڪرڻ جو ڪو به امڪان ڪونهي. کليل دريءَ وٽ ويهي روئڻ ۽ ارمان ڪرڻ لڳي. ساري رات بي آراميءَ ۾ گذاريائين. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن دري بند ڪري اندر جاءِ ۾ اچي روئڻ ۽ ڏک ڪرڻ لڳي ته مٿان ڪو پيو ماڻهو ڏسيس.

ٻيءَ رات وري به هن اها ساڳي دري کولي، اتي ويهي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. انهي طرح ٻي رات به روج ۽ راڙي ۾ گذاريائين ۽ صبح جو وري به دري بند ڪري اندر وڃي ويٺي. انهي وچ ۾ دلفريب شاهه، جو هاڻ ٻيلو پکي هو، سو انهي مڪان جي چوڌاري پئي ڦريو ۽ اُڏاڻو. معلوم ٿيس ته سندس پياري شاهزادي اِتي آهي. ڏينهن کي ويچهو وڃي محلات جي جدا جدا جاين ۾ پئي جهاتيون پاتائين، اگرچه ظالم راڻيءَ کان ڊنو به گهڻوئي ٿي. انهي ڪري رات کان سواءِ ڳائيندو ۽ ٻوليون نه ڪندو هو.

جنهن دريءَ وٽ **گلچهر بيگم** ويهندي
هئي، انهيءَ جي سامهون هڪڙو وڏو وڻ موجود
هو. انهيءَ ۾ هي نيلو پکي هڪڙي ڏينهن شام ڌاري
اچي ويٺو. اچا هو اُتي مس ويٺو ته دري ۾ کلي
۽ سکهوئي انهيءَ مان هڪڙيءَ زال جو ڏک ڀريو آواز
ٻڌائين، جنهن پئي چيو ته "هاءِ هاءِ، ڪيستائين
آءٌ هي عذاب پئي سهنديس. ڀيا سکيا ماڻهو
دنيا ۾ پيا مرن، مون ڏکيءَ لاءِ موت ئي نه
اچي. او ظالم راڻي، مون تنهنجو ڪهڙو قصور
ڪيو هو، جو تو مونکي هن بند ۾ آڻي وڌو آهي؟"
نيلي پکيءَ اهي سڀ لفظ چٽا ٻڌا ۽ ڏاڍو حيران
ٿيو. ساري رات اُتي گذاريائين. جڏهن ڏينهن
ٿيو، تڏهن شاهزادي دري بند ڪري هلي
وئي. پوءِ هو به اُڏامي ويو، ٻي رات جو وري
انهيءَ هنڌ آيو. سکهوئي چانڊوڪي ٿي ۽ نيلي
پکيءَ دريءَ وٽ هڪڙي جوان زال ڏٺي، جا وري
به ڏک مان چوڻ لڳي ته "مون ڇا ڪيو آهي، جو
منهنجو اهڙو حال ٿيو آهي؟ ڪڏهن ته آءٌ

پنهنجي پيءُ بادشاهہ جي پياري ڌيءُ هيس. اڄ ته اڇو هيڙي سخت بند ۾ پئي آهيان."

نيلي پکيءَ کي اهي لفظ ٻڌي پڪ ٿي ته اها سندس پياري شاهزادي آهي، جا پئي انهيءَ طرح روئي ۽ ڏک ۽ ارمان ڪري. ماڻهن وانگي ڳالهائڻ جي طاقت مليل هيس، تنهنڪري چوڻ لڳو ته" پياري **گلچهر**، تون ڇو ٿي اهڙا ڏک ۽ ارمان ڪرين. خدا ۾ اُميد رک. تنهنجي اها سختي ڪڏهن نہ ڪڏهن رستي دفع ٿي سگهندي."

شاهزاديءَ کي خبر نہ پئي سگهي ته هي آواز ڪٿان ٿو اچي، سا حيران ٿي چوڻ لڳي ته "هي ڪير آهي، جو مونکي هيڙا دلاسا ٿو ڏئي؟" نيلي پکيءَ جواب ڏنو ته "اُهو جو توکي سڀاهہ کان وڌيڪ ٿو گهري ۽ پيار ڪري ۽ جو توکان سواء پئي ڪڏهن کي پنهنجي دل نہ ڏيندو. اهو آءٌ ڪم نصيب بادشاهہ آهيان، جو هن صورت ۾ ٿي پيو آهيان." ائين چئي هو دريءَ مان اُڏامي اندر ويو.

## باب ستون - دلفريب شاهہ ۽ گلچهر بيگم جي ملاقات.

پوءِ ته **گلچهر بيگم** ڏاڍي **عجيب** پکيءَ کي ڏسي ڊڄي وئي، جو ماڻهوءَ جهڙي سمجهه رکي ۽ ڳالهائي ۽ آواز اهڙو سهڻو ۽ مٺو هيس جهڙو بلبل جو. پر ڏاڍو خوبصورت نيلو رنگ ۽ وڻندڙ شڪل ڏسي همت آيس ۽ ڊپ لهي ويس. خاص جڏهن پکيءَ وري چيس ته "منهنجي نازنين شاهزادي، آءٌ توکي وري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، پر توکي بند ۾ ڏسي آءٌ جليو ٿو وڃان ۽ هي به زياده ڏک ٿو ٿئيم ته آءٌ ست ورهہ هن حال ۾ رهندس، جنهن ۾ هن هم **لقا** پريءَ رکيو اٿم."

شاهزادي هٿ ڪهمائي پڇڻ لڳي ته "سهڻا پکي، تون ڪير آهين؟ تون سچ پچ **دلفريب شاهہ** آهين ڪيئن؟ ائين ڀلا ڇا هوندو؟" پکيءَ چيو ته "ائين برابر آهي. پر تنهنجي محبت قائم رهڻ لاءِ مونکي اها حالت به قبول آهي." **گلچهر** شاهزاديءَ ڏوراپو ڏئي چيس ته "تون هاڻ مونکي

ٺگي نه سگهندين . مونکي خبر آهي ته تو **محبوبه**
سان شادي ڪئي آهي . مون تنهنجا ڏاڍا جواهر
۽ تنهنجي منهنجي هن وقت ڏٺي آهي . "

پڪيءَ چيو ته " اها ڪهڙي ڳالهه ٿي ڪرين؟
جي هن توکي ائين چيو آهي ته ڪوڙ ڳالهايو اٿس.
ويساهه ڪر ته هن ۽ سنڌس ماءُ راڻيءَ توسان ٺگي
ڪئي آهي. تنهنجو نالو وٺي **محبوبه** به موسان
پرڻجي نڪتي، ۽ جڏهن مونکي انهيءَ ٺگيءَ جي خبر
پئي، تڏهن مون هن کان پنهنجي جند ڇڏائڻ
جي ڪوشش ڪئي ۽ تنهنجي پچر ڇڏڻ جي بدران
مون سٽ ورهنيلو پکي ٿي گذارڻ قبول ڪيو."

اها ڳالهه ٻڌي **گلچهر** ڏاڍي خوش ٿي.
پنهنجو ڏک ئي وسري ويس. هنکي دلاسا ۽
خاطريون ڏيڻ لڳي ۽ پنهنجي سچي محبت جي
پڪ ڏنائينس ۽ انهيءَ طرح ساري رات هن پاڻ ۾
پيار جون ڳالهيون پئي ڪيون. جڏهن ڏينهن
ٿيو ۽ محلات جا ماڻهو اچڻ لڳا، تڏهن ڏاڍي
رنج سان هو جدا ٿيا، پر وري رات جي وقت
ملڻ جو انجام ڪيائون.

انهي ڪان پوءِ ڏهاڙي رات جو ملندا رهيا ۽ هڪٻئي جي صحبت ۾ ڏاڍا خوش هئا ۽ خدا جو شڪرانو پئي ڪيائون، جنهن کين وري به ملايو. پر هاڻ شاهزادي کي اهو فڪر ٿي رهيو ته "هن منهنجي سهڻي نيلي پکيءَ کي شڪاري پکين کان يا ڇڙي مارن کان ڪير بچائيندو؟ ڪهڙو شڪ ته ڪڏهن هن ننڍڙي پکيءَ کي ڪو ماري ڪائي وجهي. پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟" اهڙين ڳڻتين ۽ فڪرن کان هن جو سُڪي ڦٽي ويو ۽ ننڍڙي ته ايندي هيس سارو ڏينهن ڏک ۽ انتظار ۾ پئي رئندي رڙندي هئي، ۽ رات جو اچي دريءَ وٽ وهندي هئي."

ساڳي طرح نيلو پکي به سارو ڏينهن وڻ جي پور ۾ گذاريندو هو ۽ پنهنجي پياري شاهزاديءَ جي لاءِ پيو ارمان ڪندو هو. پر اها خوشي هوندي هيس جو ڏهاڙي رات جو هنسان گڏيو ٿي ۽ هنسان ڳالهايائين ٿي. اُميد هيس ته انهي طرح ست ورهه لنگهي ويندا ۽ پوءِ هنسان شادي ڪري باقي حياتي سک ۽ آرام ۾ گذاريندو.

ڪي ڏينهن اُتي گذاري پوءِ نيلي پکيءَ کي
دل ۾ آيو تہ پنهنجي ملڪ مان وڃي گهمي ساهہ
لهي اچان ۽ ڪوشش ڪريان تہ پنهنجي پياري
شاهزاديءَ کي هن بند ۾ خوش رکان. سو اُڏامي
پنهنجي بادشاهت ڏي ويو. پنهنجي محلات ۾
لنگهي پنهنجي جاءِ ۾ ويو ۽ ڪي دُرّ ۽ ڪي جواهر
جي ڪٿي رکيل سمجهندو هئس، سي چهنب ۾ کڻي
اُڏامي وري گلچهر وٽ آيو ۽ رات جو اچي
کيس ڏنائين ۽ چيائينس تہ ”هي ڪڍ ۾ وجهہ
تہ آءٌ خوش ٿيان.“

شاهزادي اُهي دُرّ ۽ جواهر ڏسي نهايت خوش
ٿي، جو اُهي تمام خوبصورت ۽ قيمتي هئا. پکيءَ
کي چيائين تہ ڏينهن جو تون ساموهون ٿلهہ
تي اچي ويهندو وڃ تہ موتئي پيو ڏسين ۽ آءٌ بہ
توکي پيئي ڏسان. انهيءَ ڪانپوءِ هو ائين پيا ڪندا
هئا، ۽ نيلو پکي وارا ڏيو پنهنجي محلات مان
ڪڍي نئي عجيب شي سوکڙي ڪري کڻي
آڻي شاهزاديءَ کي ڏيندو هو. ۽ اُهي اهڙيون عجيب
هونديون هيون، جو هوءَ حيران ٿي ويندي هئي.

## باب اٺون- گلڇهر بيگم وت پيا کي ماڻهو اچن ٿا.

نيلو پکي ڇهه مهينن تي پيو گذاريندو هو، ڏينهن جو وڻن تي ويهي اڏريون مٺيون ٻوليون پيو ڪندو هو، جو جيڪو ٻڌندو هو، سو هيڏي هوڏي پيو نهاريندو هو، پر ڏسندو ڪنهن کي ڪين هو. تنهنڪري اتي جي ماڻهن کي پڪو گمان ٿي ويو ته اهو ڪنهن جِن يا پريءَ جو آواز آهي. انهي ڪري ٻئي ڪان ماڻهو انهي ڇهنگ ۾ نه ايندا هئا.

جيتوڻيڪ پکي وقت بوقت سوڪڙيون آڻي شاهزاديءَ کي ڏيندو هو، ته به هوءَ انهي ڪم ۾ نه اڻيندي هئي، پر اڪائي هڪڙيءَ پيتي ۾ گڏ ڪندي ويندي هئي، جنهن ۾ سندس ڪپڙا پيل هوندا هئا. انهي طرح ٻه ورهه گذري ويا ته شاهزادي گلڇهر پنهنجي ٻند جي شڪايت ڪنهن سان نه ڪئي. خوش ٿيو پئي گذاريندي

هئي ، جو هميشه پنهنجي پياري پادشاهه کي پٽي ڏسندي هئي ۽ هن سان ڳالهيون ڪندي هئي ۽ اهي سندس محبت جون ڳالهيون ڪرڻ جون نئي نه هيون ، نئين سر ٿيون هونديون هيون .

انهي وچ ۾ راڻي پنهنجي ڌيءُ محبوبه جي مٽس ڳولڻ لاءِ ڪوشش ڪندي هئي . چوڌاري جيڪي جوان شاهزادا سڄيءَ ملڪ مان سمجهيس ٿي، تن ڏي پيغام ٿي موڪليائين . پر ڪنهن به هن سان شادي ڪرڻ جي خواهش نٿي ڪئي . اڪثر سڀئي گلچهر بيگم جو پڇي پڇيو ۽ هن سان شادي ڪرڻ جي خواهش پئي ڏيکاري . انهي ڪري راڻيءَ ٿوري سندس ڌيءُ کي ڏاڍي ڪاوڙ ٿي آئي ۽ سندس حسد زياده ٿي ٿيو ۽ شڪ پئي پيس ته هوءَ بند مان به انهن ڏانهن خط پئي لکي .

انهي ڳالهه بابت ماءُ ۽ ڌيءُ پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪڙيءَ رات گلچهر وٽ آيون . هوءَ انهيءَ مهل درئيءَ وٽ ويٺي هئي ۽ ويٺي پنهنجي نيلي

پکيءَ سان ڳالهيون ڪيائين. سندس سهڻا وار
کليا پيا هئا ۽ چاهه ۾ ڪيترائي رنگ رنگ جا
گل پڪڙيا پيا هئا. هو ٻئي ٻاهر لڪي ويٺيون،
جو انهي مهل منهنجي ڪن تي مٺڙو
مٺو راڳ پيو، جو ڪن ٻن چڙن گڏ ٻئي ڳايو ۽ جنهن
جو مضمون درد ڀريو ۽ محبت آميز هو. پڪ
ٿين ته شاهزادي کو نا مناسب ڪم ٿي ڪري.
او چتو در پٺي اندر گهڙي ويون.

گلچهر منهن کي ڍڪي ڇڏي ويئي. جهٽ ۾ دري
پٽيائين ته نيلو پکي اڏامي وڃي، مٿان کوجو کو رسيس.
۽ پکيءَ کي اڏامڻ جي سگهه ئي نه ٿي. هن شاهزاديءَ
کي ڏاڍي ڏپ ۽ فڪر ۾ ڏٺو هو ۽ رنگ ئي هارجي
ويو هوس، تنهنڪري پکيءَ هنکي انهي حال ۾
ڇڏڻ مناسب نه سمجهيو. ڀاڻ منهنجي سلامتيءَ
جو زياده ڏپ ٿيس، اگرچه چاٿائين ٿي ته آءٌ
هنکي ڪنهين به طرح بچائي نه سگهندس.

لنگهڻ سان راڻيءَ چيس ته "تنهنجون حرڪتون
اسان کي معلوم ٿيون آهن. بادشاهه جي ڌيءُ

شرط ڪري ته تون سزا کان نه ڇٽندينءَ."
شاهزاديءَ چيو ته "ڪهڙيون مون حرڪتون
ڪيون آهن؟ مون ته هي ٻه ورهه صبر ڪري
قيد ۾ پئي گذاريو آهي. اوهين جيڪي ماڻهو
مون ڏي موڪليو ٿيون، انهن کان سواءِ ٻئي
ڪنهن جو آءٌ منهن ئي نٿي ڏسان."

**گلڇهر** انهي مهل ڏاڍي عمدي پوشاڪ ۾
هئي ۽ وار ڇڙيل هئس، تنهنڪري نهايت
خوبصورت پئي لڳي. هنکي اهڙو حسين ڏسي
هو عجب ۾ پئجي ويون، خاص سندس پوشاڪ
۽ جواهر ۽ زيور ڏسي. پڇيائونس ته "هي چمڪندڙ
جواهر ڪٿان آندا اٿئي؟ محلات ۾ ڪا جواهرن
جي کاڻ آهي ڇا، جتان پئي ڪڍيا اٿئي؟ نه ته
ڪنهن ته آڻي ڏنا هوندءِ؟"

شاهزاديءَ چيو ته "مون هٿي پيل ڏنا. مونکي
خدا گهر ويٺي پيو ڏئي. وڌيڪ آءٌ ڪي به ڪين
چوڻ ٿي گهران." راڻيءَ هن ڏي نهاري نهاري ڪاوڙ ۽
ساڙ مان چيو ته "تون اسانکي ٺڳي ڪين سگهندينءَ.

ڪنهن دشمن بادشاهه توکي هيءَ رشوت ڏني آهي ته پنهنجي پيءُ جو ملڪ انهي کي وٺائي ڏين. اهڙي وڏي ڏوهه جي ڏس ته ڪهڙي نه سزا ٿي ملندي." شاهزاديءَ چيو ته "هائو، ورهين لاءِ بند ۾ ويٺي اهڙا منصوبا ڪندي هونديس."

## باب نائون - نيلو پکي ڦٿجي پئي ٿو.

پوءِ راڻي موٽي پنهنجي محلات ۾ آئي ۽ هڪڙي نوڪرياڻي ڏاري موڪليائين ته شاهزادي گلچهري جي خدمت ۾ رهي ۽ جنهن جاءِ ۾ هوءَ سمهندي هئي تنهن ۾ سمهي. حقيقت ڪري هوءَ شاهزاديءَ تي جاسوس ڪري موڪليل هئي. تنهن ڪري شاهزادي خاطر انهي دريءَ ڏي وڃي نه سگهي، جيتوڻيڪ پکيءَ کي اڪثر اڏامندو پئي ڏٺائين. انهي طرح هڪڙو سارو مهينو گذري ويو، جنهن ۾ شاهزادي هڪڙو ڀيرو به پکيءَ کي نه ملي سگهي.

اها نوڪرياڻي رات ڏينهن جاڳي جاسوسي پئي ڪندي هئي. نيٺ هڪڙيءَ رات ٿڪجي ٿڪجي

سمهي پئي. شاهزاديءَ وڃي وٺي ڍري پٽي کي
ڇڏي خوشيءَ ۾ چيو: "(بيت) هلي آءُ نيلا
پکي تون هلي. اچي حال ڏون اور موٽسان پلي."

اهو سڏ ٻڌي نيلو پکي جهٽ ۾ اچي ڍريءَ
وٽ ويٺو. هنکي ڏسي شاهزادي ڏاڍي خوش ٿي.
ٽڪر پڪڙ ۾ هن پاڻ ويهي ڳالهيون ڪيون، پر
سڪهو ٿي وري هن کي جدا ٿيڻو پيو. ٻيءَ رات
به اهي جاسوس زال جي سمجهه ڪري هن کي
ڳالهائڻ جو وجهه مليو ۽ ٽينءَ رات به. پر چوٿينءَ رات
هوءَ ڪنهن ڪم ڪري ٽي جاڳي پئي، پر ڪوڙ ڪري
اکيون ٻوري چالاڪيءَ جي سو جهري تي پئي
ڏٺائين ته شاهزادي هڪڙي عجيب خوبصورت
نيلي پکيءَ سان ويٺي ڳالهيون ڪري.

جڏهن ڏينهن ٿيو، تڏهن نوڪرياڻيءَ جيڪي
رات ڏٺو هو، سو وڃي راڻيءَ کي ٻڌايو. راڻيءَ
هنکي وري به شاهزادي **گلچهر** ڏي موڪليو ۽
تاڪيد ڪيائينس ته ڳالهه ظاهر نه ڪري ۽ وري
به رات جو ڏو ڍنگ ڪري سمهي ٻوي ۽ اکيو پئي

جاتچي ڪري. جڏهن رات ٿي ۽ اُها نوڪرياڻي سوپري سمهي پئي، تڏهن شاهزاديءَ دستور موجب پکيءَ کي سڏيو ۽ چيائين: "(بيت) هلي آءُ نيلا پکي تون هلي- اچي حال ڏون اور مونسان پلي."

پر پکي ڪونه آيو. انهي جو سبب هي هو ته نيلاڪي راڻيءَ انهي دريءَ جي آس پاس، جتي پکي ويهي دريءَ مشڪجهان لنگهندو هو، اُتي ڪنڊا ۽ سوئا ۽ شيشن ۽ اهڙيون ٻيون چهنبداريون شيون رکي ڇڏيون هيون. نيلو پکي اويسلائيءَ ۾ اتي ويٺو ۽ انهيءَمان ڦُٽڙ جي لنگهڻ جي ڪوشش ڪيائين ته سندس ڪنب وڍجي پيا ۽ بت رهڙجي پيو ۽ سڄو زخمي ٿي پيو. نيٺ رت هاري موٽي پنهنجي وطن تي وڃي ويٺو.

---

## باب ڏهون- گلچهر بيگم سفر تي نڪري ٿي.

مٿي چيو ويو آهي ته **دلفريب شاه** جو هڪڙو جادوگر دوست هوندو هو، جنهن کيس ڏيڏرن واري گاڏي ڏني هئي. جڏهن اهي ڏيڏر خالي گاڏي وٺي موٽي ويا، تڏهن هو ڏاڍو حيران

۽ پريشان ٿيو. جڏهن ڪجهه وقت بادشاهه کي نه ڏٺائين، تڏهن پڪ ٿيس ته هن سان خير ڪونهي. اٺ پيرا ساري دنيا گهمي آيو، پر پنهنجي دوست جو پتو نه پيس.

نائين پيري نڪرڻ تي هو ته اتفاق سان اُهي جهنگ ۾ آيو، جتي اُهو نيلو پکي قيد پيو هو. دستور موجب پنهنجو جادو هلائي، سِگهو وڃائي، وڏي آواز سان چيائين ته "دلفريب شاهه، دلفريب شاهه، ڪٿي آهين؟" دلفريب شاهه هڪدم پنهنجي دوست جو آواز سڃاتو ۽ زخمن جي ضعف جي ڪري ڏرائيءَ سان جواب ڏنائين ته "اجهو، هن وڻ ۾ قيد پيو آهيان."

جادوگر جي ڪن تي اهو آواز پيو. هن هيڏي هوڏي نهاريو، پر ڪي به ڏسڻ ۾ نه آيس. تڏهن بادشاهه وري چيس ته "آءٌ نيلو پکي آهيان؛ هن وڻ ۾ پيو آهيان." تڏهن تي جادوگر سندس آکيري وٽ آيو. جادوءَ جا ٻه ٽي اکر پڙهي هن تي هٿ گهمايائين ته هنجو رت بيهي ويو ۽ ڦٽ ڇٽي

ويس . پوءِ هنجي پڇڻ تي بادشاهه ساري ڳالهه
ڪري ٻڌايس ته ڪيئن هو ماڻهوءَ مان بدلجي
نيلو پکي ٿي پيو هو .

جادوگر بادشاهه کي صلاح ڏني ته ” في الحال
شاهزادي **گلچهر** کي وساري ڇڏ، جو هن توتي
هيتري مصيبت آندي آهي، ۽ امڪان آهي ته
انهي کان به وڌيڪ ڪا ٻي مصيبت انهيجي ڪري
توتي اچي . پر پکيءَ چيس ته ” ڪهڙي به ڳري
مصيبت مون تي ايندي ته آءٌ هنجي محبت
کان بس نه ڪندس. تون ڀلائي ڪري مونکي
ڪنهن ٻيڙي ۾ وجهي پنهنجي گهر ڪٺي هل، جتي
آءٌ ڪنهن شڪاري پکي يا ماريءَ جي ايذا کان
امن ۾ رهان . “

جادوگر پڇيس ته ” باقي پنهجي ورهه تون
انهي حال ۾ رهڻ پسند ٿو ڪرين ڇا؟ ايترو خيال
نٿو اچئي ته انهي وچ ۾ تنهنجا دشمن تنهنجي ملڪ
تي ڪاهي تنهنجي بادشاهت هٿ ڪري ويندا، ۽
جي ڪٺي تنهنجي اميرن کي خبر به پوي ته تون

نيلو پکي ٿيو آهين، تڏهن هو تنهنجي پرواهه ڪا نه ڪندا ۽ نه تو کان ڊڄندا."

انهي وچن ويچاري شاهزادي **گلچهر** جڏهن پنهنجو نيلو پکي وري نه ڏٺو، تڏهن ڏاڍي ڦٽي ٿيس. خبر نه پئي پيس ته ڇا ٿيس ۽ جيئرو آهي يا نه. ڪڏهن اهڙا به پئي شڪ پيس ته هن متاس پنهنجي دل لاهي ڇڏي آهي. ويچاري ڏاڍي غم ۾ دريءَ وٽ سڏ ڪرڻ وارو **بيت** پڙهندي رهي، پر پکيءَ منهن ڪو نه ڏيکاريو. کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين ۽ بيمارن وانگي پئي گذاريائين.

ايتري ۾ بادشاهت منجهه گهڻي ڦير گهير پئجي وئي. **گلچهر** جو پيءُ پڻ بادشاهه بيمار ٿي پيو. گهڻائي علاج ڪيائون، تڏهن نه ڇٽو ۽ نيٺ مري ويو. وزيرن اميرن سڀني گڏجي صلاح مشورت ڪري اهو ٺهرايو ته سندس ڌيءُ **گلچهر بيگم** کي بند مان ڪڍي تخت تي وهارجي، جو اُها حقدار وارث آهي.

انهي ڪري راڻي ڏاڍي ڪاوڙي ۽ وزيرن

اميرن کي ڌمڪايائين ۽ اجايو سڄايو ڳالهايائين ۽ چيائين ته "اوهانجو ڪو به هن ڪم ۾ واسطو ڪونهي." تنهن تي هو سڀ چڙيا ۽ منصوبو ڪري ڪاهي محلات ۾ آيا ۽ هنکي سنگسار ڪري ماري وڌائون. سندس ڌيءُ محبوبه بانو جي جان بچي پنهنجي ڏاڏيءَ جي ماءُ مه لقا پريءَ وٽ وئي.

اميرن وزيرن گلچهر بيگم کي بيماريءَ جي حالت ۾ ڪٺي محلات ۾ آندو ۽ زور ڪري تخت تي ويهاريائونس ۽ سندس مٿي تي چٽ رکيائون. طبيب حڪيم گڏ ڪري سندس علاج ڪيائون. نيٺ ٿوري ٿوري تي هوءَ چڱي ڀلي ٿي. پوءِ کي ڏاها وزير حڪومت هلائڻ لاءِ ويهاري پاڻ پنهنجي نيلي پکيءَ جي ڳولا ۾ سفر تي نڪتي. تمام قيمتي جواهرن جي ڳٿڙي ٿيلهي پاڻ سان کنيائين ۽ پوءِ اڪيلي نڪري پيئي ۽ ڪنهن کي به ڪين ٻڌايائين ته ڪهڙي پاسي ٿي وڃان.

## باب ٻارهون- دلفريب شاهه وري ماڻهو ٿو ٿئي.

**دلفريب شاهه** جو جيڪو جادوگر دوست هو، تنهن کي ايتري طاقت ڪانه هئي، جو جيڪي هملقا پريءَ ڪيو هو، تنهنکي ڦيرائي بي اثر ڪري، نه ته جيڪر هو پنهنجي دوست کي مدد ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائي ها. تنهنڪري هن اراده ڪيو ته پاڻ پريءَ وٽ وڃي ۽ ڪوشش ڪري ته هن ڪنهن رستي بادشاهه ڦري پنهنجي اصلي صورت ۾ اچي. ان موجب هو پنهنجي ڏيڏرن واري گاڏي تيار ڪرائي چڙهي انهي جي محلات ۾ ويو. اتفاق سان شاهزادي **محبوبه** به انهي محل ساڻس ويٺي ڳالهائيو.

پريءَ هنجي چڱي مرحبا ڪئي ۽ پڇيائينس ته "ادا، جيڪو ڪم هجئي، سو آءٌ ڪريان." هن چيو ته "ادي، آءٌ هڪڙي دوست لاءِ آيو آهيان، جو بادشاهه آهي ۽ تو انهي سان ظلم ڪيو آهي." پريءَ چيو ته "آءٌ سمجهان ٿي ته **دلفريب شاهه** لاءِ ٿو چوين. پر انهي تي منهنجي ڪاوڙ آهي.

جيسين هو منهنجي ڏين جي ڏيءُ **محبوبه بانوءَ** سان شادي نه ڪندو، تيسين آءٌ تنهنجي مرضي رکي نه سگهندس."

آخر هن پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪيو ته شاهزادي **دلفريب شاه** جي محلات ۾ رهي ته هو ڪيس اتي پيو ڏسي. پوءِ پاڻ ۾ پاڻهي ٺهي ويندا ۽ شادي ڪندا. ايتري ۾ بادشاهه پنهنجي اصلي صورت ۾ رهندو، پر پوءِ جي هن شادي نه ڪئي ته وري هو نيلو پکي ٿي پوندو.

ان موجب پريءَ پنهنجي ڏين جي ڏيءُ کي عمديون پوشاڪون ۽ هيرون سوکڙيون ڏنيون ۽ پوءِ هنکي پاڻ سان گڏ هڪڙي ڪڏڻ واري گهوڙي تي چاڙهي **دلفريب شاه** جي محلات ڏي رواني ٿي. بادشاهه اڳئي اتي هو، مگر اڃا نيلي پکيءَ جي صورت ۾ هو ۽ سندس دوست جادوگر ساڻس هو.

پريءَ پنهنجي جادوءَ جي لڪڙيءَ سان هنکي ٽي ٽوڪرون ڏنيون ته پکي بدلجي اکوڙو

خوبصورت جوان بادشاهه ٿي پيو. هُو ڏاڍو خوش ٿيو؛ پر جڏهن معلوم ٿيس ته ڪهڙي شرط تي اهڙي حالت ۾ رهندو، تڏهن ڏکي ويو.

انهيءَ وچ ۾ شاهزادي **گلچهر بيگم** فقيراڻي ويس ۾، پنهنجو منهن پنهنجن ڏکن ڪهاڻن وارن ۾ لڪايو، هڪڙو ٿيلهو ڪلهيءَ ۾ وجهيو گهمندي وتي. انهيءَ ٿيلهي ۾ جواهرات ڀريل هئي. پر ماڻهن جي نظر ۾ اُها ٽُڪرن ۽ خيرات وجهڻ جي ڳوٿري هئي. هوءَ پنهنجي پياري بادشاهه جي تلاش ۾ هئي. جتي ٻه رستا گڏ ڏسندي هئي، اُتي اهو ڊپ رهندو هوس ته متان غلط رستو وٺي ٻئي پاسي وڃي نڪران.

هڪڙي ڏينهن هوءَ پاڻيءَ جي نهر تي سائي گاهه تي ويهي رهي ۽ ارادو ڪيائين ته وهنجي بت هلڪو ڪري. انهيءَ خيال ۾ هئي ته هڪڙي ڪراڙي زال اُتي اچي نڪتي. لٺ تي ٽيڪ ڏيندي آئي. جڏهن شاهزاديءَ وٽ آئي، تڏهن چيائينس ته "منهنجي خوبصورت ڇوڪري، هتي اڪيلي

ڇا ويٺي ڪرين ؟" هن ورندي ڏني ته
"ڏاڏي، آءٌ ڏردان پري آهيان، ماڻهن جي صحبت
کان اڪيلائي مونکي وڻي ٿي." ائين چئي اچي
رئڻ ۾ پئي.

پوڙهيءَ کي مٿس ڏاڍو قياس آيو. ڏاڍي
پيار سان هنکان سندس احوال پڇيائين.
شاهزاديءَ پنهنجو سارو احوال هنسان ڪيو. ادو
پڌري هوءَ ڪڙي ٿي بيٺي. اڳي واڳي پڌري
زال ته ٿي ڏٺي، پر هڪڙي خوبصورت جوان
زال ٿي بيٺي ۽ عمدي پوشاڪ پيل ڏسڻ ۾
آيس. مرڪي گلچهر بيگم کي چوڻ لڳي ته
"شاهزادي گلچهر بيگم، جنهن بادشاهه جي تون
گولائو آهين، سو هاڻ نيلو پکي ناهي. منهنجي
پيڻ هه لقا پريءَ انهيءَ کي وري قيرائي ماڻهو
ڪيو آهي."

پوءِ شاهزاديءَ کي ڌرد لاسو ڏئي چيائين ته
"هاڻ تون وڏي دل ڪر ۽ هن جي محلات
ڏي وڃ هي توکي چار آنا ڏيان ٿي. جڏهن توکي

ڪنهن مشڪلات ۾ اچي ڦاسين، تڏهن هڪڙو هڪڙو آڏو ڪٺي پيچجانءِ ته تنهنجي مشڪلات حل ٿي ويندي. اُميد آهي ته تنهنجو مطلب حاصل ٿيندو ۽ تون نيٺ پنهنجي بادشاه کي ملندينءَ. آءٌ ماڻهن مان نه آهيان، پرين مان آهيان." ائين چئي هوءَ گم ٿي وئي.

---

## باب ٻارهون- گلچهر بيگم دلفريب شاه جي شهر ۾.

**گلچهر** شاهزاديءَ اٺ ڏينهن ۽ راتيون برابر پنڌ ڪيو. ڪٿي به ڪين بيٺي. نيٺ هڪڙي ٽڪر جي پاڙ ۾ پهتي. اُهو ٽڪر سارو عاج جو هو. اهڙو اُپڪيرو ۽ لسو هو، جو شاهزادي انهي تي چڙهي نٿي سگهي. نيٺ اُتي ٽڪجي ليٽي پئي. اوچتو آڌا ياد پيس. هڪڙو ٿيلهيءَ مان ڪڍي پڳائين ته اتي مان سون جون ڪليون نڪتيون، جن ۾ ڪڙا لڳل هئا.

اُهي ڪڙا مٿن ۾ ڇهلي ڪليون ٽڪر ۾ اڏڪائيندي هوءَ مٿي چڙهڻ لڳي. نيٺ اچي ٽڪر جي چوٽيءَ تي پهتي. پر اُتي وري هن کي ٻيءَ مشڪلات ورتو. ٽڪر جي پريان سارو ميدان شيشي جو نظر ٿي آيو، جنهن تي هلڻ مشڪل هو ۽ اُهي ڪلين وارا ڪڙا ڪم جا ڪين هئا. ٿڌو هن وري ٻيو اُنو پڳائين ته اُنهي مان هڪڙي بند ري گاڏي ٻن ڪبوترن سان جو ٽيل نڪتي، جا وڏي وڏي ٿي.

شاهزادي اُنهي تي چڙهي ويٺي ۽ ڪبوترن کي چيائين ته ”مونکي دلفريب شاه جي محلات وٽ هلي لاهيو ته آءُ اوهان جي گهڻو شڪر گذار ٿيندس.“ جهٽ ۾ اُتي وڃي پهتي. شاهزاديءَ جو منهن مٽيءَ سان ڀريل هو ۽ سندس ڪپڙا ميرا هئا، تنهنڪري ڪوبه سڃاڻي نه سگهيس. هن ماڻهن کان پڇيا ڪئي. معلوم ٿيس ته بادشاه شاهزادي محبوبه بانوءَ سان شادي ڪرڻ وارو آهي ۽ اُهي ٻئي اُٿان ٻئي ڏينهن صبح جو لنگهڻ وارا آهن.

اما ڳالھ ٻڌي **گلچھر بيگم** ڏاڍي غمگين ٿي، پاڻيائين تہ آءٌ مري وينديس. ملول ٿي محلات جي در جي سامھون ھڪڙي پھڻ جي ڍڪ تي چڙھي وارن ۾ پنھنجو منھن لڪائي ويھي رھي. نڪي ڪاڏائين نڪي پيتائين، اُتي جو اُتي ليٽي پئي ۽ ساري رات گذاريائين. جڏھن سج اُڀريو، تڏھن ھيءَ اُتي ويھي رھي تہ سکھوئي بادشاھ ۽ **محبوبہ بانو** گڏ ڏوليءَ ۾ ويٺل اچي اُتان لنگھيا ۽ ڏاڍا خوش ڏسڻ ۾ ٿي آيا.

اوچتو **محبوبہ بانوءَ** جي نظر **گلچھر** تي پئي. گھڻو وجھي شوخيءَ مان چيائينس تہ ”اڙي، تون ڪير آھين، جو اسانڪي ايترو ويجھو اچي ويٺي آھين؟“ ھن ورندي ڏني تہ ”آءٌ ھڪڙي ٻھراڙيءَ جي غريب زال آھيان ۽ تمام پري پنڌ کان حضور جن کي ڪي عجيب شيون ڏيکارڻ لاءِ آئي آھيان، جي ڪٺيون اٿم.“ پوءِ پنھنجي ٿيلھيءَ ۾ ھٿ وجھي ٻہ وڏا فيروزا ڪڍي ڏيکاريائينس، جي ڪراين تي ٻڌڪڻ جا ھئا ۽ جي **دلفريب شاھ** ھنکي ڏنا ھئا.

**محبوب** اهي ڏسي چيو ته "هي ڏاڍا سهڻا شيشن جا ٽڪر آهن. وڪڻندين؟ آءٌ توکي پائلي ڏيندس." **گلچهر** چيو ته "راڻي، اهي ڪنهن جواهريءَ کي ڏيکاريو ته اهو اوهانکي انهن جي سچي قيمت ٻڌائي." تنهنڪري **محبوب** اهي **دلفريب شاه** کي ڏيکاريا ۽ پڇيائينس ته هي اوهانکي وڪڻان ڏيان ته؟" بادشاه کي اهي ڏسي هڪدم جيڪي اهڙا جواهر **گلچهر** کي ڏنا هئائين، سي ياد پيا.

ٿڌو ساهه کڻي چوڻ لڳو ته "هنن جو ملهه منهنجي ساري بادشاهت جي برابر آهي. آءٌ سمجهندو هوس ته اهڙو جوڙو دنيا ۾ فقط هڪڙو آهي، پر هاڻ معلوم ٿيم ته ڪو ٻيو به اهڙو ئي آهي." **محبوب** بادشاه جي هٿان اهي وٺي **گلچهر** کان پڇيو ته "مائي، تون هنن جو ڪيترو ملهه ٿي گهرين؟" **گلچهر** چيو ته "راڻي، اوهين انهن جو ملهه ڏئي ڪين سگهندؤ. ليڪن هڪڙي شرط تي آءٌ اهي ڏيندس."

**محبوبہ** پڇيو تہ ”اهو ڪهڙو شرط آهي؟“
**گلچهر** چيو تہ ”باد شاه جي محلات ۾ جيڪو پڙلائن وارو ڪمرو آهي، تنهن ۾ مونکي هڪڙي رات سمهڻ جي اجازت ڏيو تہ پوءِ انهيءَ جي عيوض آءٌ هي فيروزا او هانڪي ڏيندي يس.“ **محبوبہ** کلي چيو تہ ”چڱو، قبول آهي.“ ٻئي ڌرڙ ڏاڍي خوش ٿي تہ مون اهي جو اهي ڏاڍا سستا ورتا آهن.

## باب تيرهون - عاقبت بخير.

جڏهن **دلفريب شاه** نيلو پکي هو، تڏهن ڳالهين ڪندي **گلچهر بيگم** کي چيو هئائين تہ ”منهنجي محلات ۾ زمين جي اندر هڪڙو تهخانو آهي، جنهنکي پڙلائن وارو ڪمرو سڏيندا آهن.“ انهيءَ اهڙي هڪڙي طلسمي حڪمت رکيل آهي، جو جيڪو انهي جاءِ ۾ فقط سُس ڦس ڪندو، تہ اها بادشاه کي پنهنجي سمهڻ واري جاءِ ۾ پئي ٻڌڻ ۾ ايندي.

شاهزادي **محبوبہ** جي حڪم موجب رات جو **گلچهر بيگم** کي پڙلائن واري ڪمري

۽ وٺي ويا. هنکي اُٺي چڙهي در بند ڪري ماڙهو هليا ويا. تڏهن هوءَ وڏي آواز چوڻ لڳي ته "اي بيوفا ظالم نيلا پکي، تو پنهنجو انجام پورو نه ڪيو. تو مونکي وساري ڇڏيو. زال سان محبت رکي آهي. هي فيروزا تو مونکي ڏنا هئا، تن ۾ توکي منهنجي ياد ڪيري نه ڏياري."

ساري رات هوءَ واري سان ڳالهائيندي ۽ رئندي رڙندي رهي. ڪن نوڪرن انهي ڪمري مان آواز ايندو ٻڌو هو، تن محبوب کي ٻڌايو. انهي جي پڇڻ تي **گلچهر** چيو ته "مون رات ڏاڍي گهري ننڊ ڪئي آهي ۽ ساري رات خواب پئي لڌم ۽ ننڊ ۾ پئي ٻڏليس. پر **دلفريب شاه** کي هنجو آواز اصل ٻڌڻ ۾ نه آيو، جو **گلچهر** جي جدائيءَ ۾ بي آراميءَ ۽ بي خوابيءَ جي ڪري نوڪر نهن جي دوا کارائي ڇڏيندا هئس، جنهنڪري هو تمام گهاٽي ننڊ ڪندو هو.

ٻئي ڏينهن **گلچهر** کي ڏاڍو انتظار ٿيو، جو ڄاڻائين ته جي بادشاه ٻڌو ته ۾ سندس ڪا پڇا

ڪاٺ ڪيائين ۽ جي ٺ ڀڃائين ته پوءِ ڇا ڪري .
ٻي اهڙي شي بہ ڪاٺ هيس، جنهن جي ڏيڻ تي
هوءَ وري بہ انهيءَ جاءِ ۾ سمهي . اهڙي وقت هن
کي آنا ياد پيا . هڪڙو ڪيڏي پڳائين ته انهيءَ مان
هڪڙي سوني گاڏي نڪتي، جنهن ۾ ساوا
ڪُوئا ٻڌل هئا ۽ هڪڙو گاڙهو ڪُوئو گاڏيوان هو .

گاڏيءَ ۾ چار گُڏيون ويٺل هيون، جي مزي
سان نچڻ تي سکيون . انهن جو عجيب ناچ
ڏسي شاهزادي ڏاڍي خوش ٿي . اُهي اڪائي
شام جي لاءِ منتظر ٿي ويٺي . جڏهن محبوبہ
شاهزادي هوا خوريءَ لاءِ گهمڻ نڪتي . تڏهن هن
جي اڳيان **گلچهر** گاڏي کڻي چڙهي . ڪوئا
گاڏي ڪاهيو پئي ويا ۽ گُڏيون انهي ۾ پئي نچيون .
**محبوبہ** اُها گاڏي ڏسي حيران ٿي وئي . اڳي
وانگي چيائينس ته "ڇو ڪري، انهي جي قيمت
ونديون؟" **گلچهر** چيو ته "انهي لاءِ بہ آءٌ
ٻڌلائن واريءَ جاءِ ۾ هڪڙي ٻي رات رهڻ
تي گهران ."

محبوبه اها ڳالهه ته قبول ڪئي ۽ گلچهر رات وڃي ساڳيءَ جاءِ ۾ ٿي. انهي رات ٻه گهڙيون ٻئي پيار جون ڳالهيون آهستي آهستي بادشاهه کي ٻڌائين، پر بادشاهه دوا جي نشي ۾ هو، تنهنڪري اهي ڳالهيون ٻه ٻڌڻ ۾ نه آيون. صبح جو نا اُميد ٿي ۽ سارو ڏينهن ڳڻتيءَ ۾ گذاريائين. وري ٻه رهيل اڌو پڇڙو پيس. انهي پيري آئي مان هڪ رڪابي نڪتي، جنهن ۾ نديا پکي ڪباب ٿيل هئا، پر عجب جي ڳالهه اها ته انهيءَ حالت ۾ به انهن پکين مٺيون ٻوليون ٻٽي ڪيون.

گلچهر ڏاڍي خوشيءَ مان اها رڪابي ڪڍي محبوبه شاهزاديءَ کي ڏيڻ جي لاءِ وئي. هڪڙي نوڪرچيس ته ”مائي ڇوري، تون رات جو اهڙو هل ٿي ڪرين، جو جيڪڏهن بادشاهه نه جي دوا نه وٺندو هجي ته جيڪر تون سندس سک ڦٽائين.“ گلچهر چيو ته ائين ناهي ۽ آءٌ بلڪل آواز ڪو نه ڪنديس. اوهين اڄ رات آزمائي ڏسجو. بادشاهه کي دوا

بلڪل نه ڏيو. ڏسو ته سڀهي ننڊ ڪري ٿو يا نه.
جي ائين ڪندءُ ته آءٌ توکي هي موتي انعام
ڏيندس." ائين چئي هن ٿيلهيءَ مان موتين
جو ڍڪ ڀري هنکي ڏنو.

نوڪر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ائين ڪرڻ جو انجام
ڪيائين. اندران شاهزاديءَ محبوبه نڪري
آئي ته رڪابيءَ وارا پکي ڳائڻ لڳا. انهن مان
هڪڙي چيو ته "مونکي چار پيسا ڏي ته آءٌ توکي
تنهنجو نصيب ٻڌايان." ٻئي پکيءَ چيو ته آءٌ
طبيب آهيان ۽ ڪا به بيماري چٽائي سگهندس."
هي ٻڌي محبوبه حيران ٿي وئي. چيائين ته
"هي ته هنن ڪوئن کان به عجيب آهن.
اها ڪتاب واري رڪابي آءٌ ضرور وٺندس.
ڪيترو وٺندينءَ؟" گلڇهر چيو ته "وري به
ٻڌائين واري ڪمري ۾ سمهندس." هن چيو ته
"قبول. هان هيءَ مهر به اٿئي، جو اها شي
مونکي گهڻو پسند آهي."

جڏهن رات ٿي، تڏهن گلڇهر وري به
انهي تهخاني ۾ آئي، ۽ جڏهن هائو مائو ٿري،

تڏهن آهستو چوڻ لڳي ته ”ظالم **دلفريب شاه**،
تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ مون ڪيترا ته ڪشالا
ڪڍيا آهن، ته به مونکي ڪي به حاصل نه ٿيو آهي
۽ مون ڪوڙي **محبوبه** توسان خوش راس آهي.
جڏهن تون نيلو پکي هئين، تڏهن مون جيڪي
توسان ڀلايون ڪيون، سي ته توکي بلڪل ياد
نا هن. انهي **وقت** مون سان ڪهڙا انجام
ٿي ڪيءِ. اُهي ڪي ياد اٿئي؟ آءٌ هتي ته خاني
۾ اچي پئي آهيان.“

هن پيري بادشاه ننڊ ۾ ڪين هو، جو نوڪر دوا
ڪا نه ڏني هيس. تنهنڪري هن هڪدم **گلچهر**
جو آواز ٻڌو. پوءِ حيران ٿيو ته اها ميرن ڪپڙن
واري ڀراڙيءَ جي زال **گلچهر** ڪيئن هوندي؟
ڏڪڙ ڀڪڙ ۾ اُٿي انهي ڪمري ۾ آيو. ڏسڻ سان
انهيکي سڃاڻائين، جو هوءَ هاڻ سفيد ريشمي
پوشاڪ ۾ هئي ۽ نهايت حسين ڏسڻ ۾ پئي آئي ۽
ميرا ڪپڙا لاهي ڇڏيا هئائين.

ٻئي هڪبئي کي ڏاڍي پيار سان گڏيا ۽
ڪيتريون ئي ڳالهيون پاڻ ڪيائون. اڃا هو

تہ تہ بادشاهہ جو جادوگر دوست محلات ۾ پوءِ ۽ اهي پريءَ کي پاڪستان وٺيو آيو، جڏهن **گلچهر** کي اهي آيا ڏنا هئا. انهن **دلفريب شاهہ** کي چيو تہ ”اسان گڏجي **گلچهر** جي فائدي ۾ بند و **بست** ڪيو آهي. هاڻي تون **مہ لقا** پريءَ جي ڪاوڙ کان نہ ڊڄ.“

اتي **محبوبہ** بہ لکي آئي. بادشاهہ جي پاسي کان شاهزادي **گلچهر بيگم** بيٺل ڏسي حيران ٿي وئي. پهريائين تہ هنکي گهٽ وڌ ڳالهايائين تہ اهڙي ۾ پريءَ جادوءَ جي لڪڙي ڪڍي اُنکي ڦيرائي ڪانءُ ڪري ڇڏيو، جو دريءَ مان اُڏامي ويو ۽ وري ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو. پوءِ تہ سگهو ئي **دلفريب شاه** ۽ **گلچهر** شادي ڪئي ۽ پوءِ خوش گذارڻ لڳا.

Printed and published by Jethmal Parsram Gulraj at the BLAVATSKY PRESS, Hyderabad Sindh.

